ڦُلو ڪي. ميگھواڙ

# سُر مارئيءَ ۾ ڍاٽڪي ٻوليءَ جو سماجي، لسانياتي ۽ ثقافتي اڀياس


***Abstract:***

**Socio-Linguistic and Cultural Study of Dhatki Language in Sur Maaree**

*Dhat or Dhaat is the central part of Thar. Its language is Dhatki and its inhabitants are called Dhaati. Shah Abdul Latif Bhittai visited Dhat/ Dhaat (Thar) several times. He observed the culture, language(s), and other aspects of social life of the native people. Dhat/ Dhaat is a neighbouring area surrounded by Marwar (Rajistan), Kathiawar, Kutch, Laar, and Naaro. From G. A. Grierson to Dr. Abdul Jabbar Junejo and Hidayat Prem, including Kako Bheeroo Mal Mehrchand Aadvani and Dr. N. A. Baloch, anonymously agree that Dhatki is not an independent language. They are of the view that, Dhatki is a mixture or dialect of Sindhi Language or is a sub-dialect of Thari dialect of Sindhi. It is not proved decisively if it is a language, dialect or sub-dialect, and therefore needs centensive research. Shah Latif heard folk literature, especially folk tales in their native language, Dhatki. He was inspired and impressed by all facets and borrowed various folk tales from this region, to compose poetry based on those tales. In his Risalo's Surs, fifteen surs have direct or indirect connection with this region. Like a genius artist, he used a kind of language in cultural background related to characters of Dhat/ Dhaat (Thar). He used Dhatki language frequently in all surs of his poetry. This research paper is confined to the Sur Maaree, which purely belongs to the area of Thar.*

## تتُ:

شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڌرتيءَ جو شاعر آهي. سندس ڪلام جو موضوعاتي بنياد جن ۾ عشقيه، نيم عشقيه ۽ تاريخي داستانن تي رکيل آهي، انهن جا ڪردار ۽ ٻيا ڪردار به سماج جا جيئرا جاڳندا ڪردار آهن ۽ انهن ڪردارن جو ماحول پڻ انهن جي سماجي زندگيءَ سان ٺهڪندڙ ۽ حقيقي آهي. ڪردارن کي جاندار ۽ انهن جي سوچ، ڪرت، سماجي ۽ ثقافتي ماحول مطابق پنهنجي شاعريءَ ۾ هميشه جي لاءِ امر ڪرڻ






لاءِ، انهيءَ خطي جي جاگرافيائي، سماجي ۽ ثقافتي رنگ سندن لهجي يا ٻوليءَ ۾ انهن کي پيش ڪيائين.

شاهه صاحب، سچي ڌرتيءَ لاءِ دعاگو هئڻ سان گڏ سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۽ واهڻ وستيءَ سان بيحد پيار ڪندو هو. ڪيس لاڙ ۽ ٿر سان تمام گهٽي اُنسيت هئي. شاهه صاحب جي سير سفر مان اهو پتو پوي ٿو ته، هُو گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڀيرا ٿر گهميو ۽ اُتان جي ماڻهن جي سوچ، ڪرت، ثقافت ۽ ٻين سماجي پهلوئن جو ويجهڙائيءَ کان مشاهدو ماڻيو، ۽ اتان جي قصن ۽ ڪردارن کي پنهنجي شاعريءَ جو بنياد بڻايائين.

سندس ڪلام ۾، ٿر جي وچولي ڀاڱي ڍٽ جي ڍاٽڪي ٻوليءَ جي لفظن جو استعمال تقريباً هر سُر ۾ ملي ٿو. سُر مارئي، ڪردارن، قصي ۽ هر سماجي پهلوءَ کان مڪمل طور ٿر سان واسطو رکندڙ سُر آهي، جنهن ۾ استعمال ٿيل ڍاٽڪي ٻوليءَ جو سماجي، لسانياتي ۽ ثقافتي اڀياس پيش ڪجي ٿو.

## تعارف:

شاهه عبداللطيف ڀٽائي سيلاني شاعر آهي، جنهن نه صرف سنڌ، پر سنڌ جي پاڙيسري علائقن کي به پيرين پنڌ ڪري مشاهدو ماڻيو ۽ ڌرتيءَ سان لاڳاپيل حقيقتن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ موضوع بڻايائين. عام ماڻهن جي ويجهو ٿيڻ ۽ انهن جي روزمره جي زندگي ۽ ڪاروهنوار جو حصو ٿي رهڻ سان ئي انهن جي سماجي، سياسي، معاشي، نفسياتي نڪتن تي شاعري ڪري، انهن جي اندر جي اڌمن ۽ احساسن کي پنهنجي شاعريءَ جا موضوع بڻايائين.

هر سٺي تخليقڪار جي اها وڏي ۾ وڏي خوبي هوندي آهي ته، هو جنهن به علائقي جي سماج مان ڪردار کڻي ٿو، انهيءَ جون جاگرافيائي، سماجي، سياسي، معاشي حالتون، انهيءَ ڪردار جي عمر، ڪرت، سوچ، مسئلن ۽ سماج جي مجموعي نفسيات ۽ ٻوليءَ سان ٺهڪندڙ هجن. ڇاڪاڻ ته، شاهه صاحب هڪ مشاهداتي شاعر آهي، تنهن ڪري هُو انهن سڀني ڳالهين کان خوب واقف هو ۽ پنهنجي ڪلام جي ڪردارن کي انهن جي ثقافتي زندگيءَ سان ٺهڪندڙ واقعن، قصن، ماحول ۽ ٻوليءَ ۾ پيش ڪيائين.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٿر، پنهنجي فطري خوبصورتي ۽ انساني آفتن ۽ اهنجن جي ڪري مشهور ۽ انوکو آهي. جهڙي ذرتي نرم ملائم آهي، تهڙي ئي اُتان جي رهاڪن جي طبيعت ۽ ان کان به وڌيڪ سندن منڙي ۽ سپڪ سلوڻي ٻولي!

شاهه صاحب ٿر وارو علائقو گهميو ۽ اتان جي سماجي ۽ ثقافتي زندگيءَ جو اثر قبوليائين. معمور يوسفاڻي، ’لطيف جا ٿر تان پيرا ‘۾ صفحي 14 تي لکيو آهي ته، ٿرپارڪر ضلعي جي خوش بختي آهي، جو سنڌ جي عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي 15 سُرن جو جاگرافيائي ماحول هن خطي سان آهي. هيٺين سُرن کي سڌي طرح يا اڻ سڌي طرح انهيءَ خطي سان وابسته ڇئي سگهجي ٿو.

**سڌي ريت واسطي وارا سُر:** ڪنڀات، سارنگ، سورٺ، بروو سنڌي، مومل راڻو، رِپ، ليلا چنيسر، ڍهر ۽ مارئي.

**اڻ سڌي طرح وارا سُر:** اهڙا سُر جن ۾ ڪجهه بيت اهڙا آهن، جيڪي هن خطي جي جاگرافيءَطرف اشارا ڪن ٿا. مثال طور: سُر يمن ڪلياڻ، سُر پورب، سُر سامونڊي، سُر سريراڳ، رامڪلي ۽ ڪاهوڙي وغيره.[1]

لازمي طور جنهن خطي جا ڪردار ۽ قصا پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻايائين ته، انهن جي ٻوليءَ جو استعمال پڻ سِياويڪ هو.

ڍٽ، ٿر جو وچيون علائقو آهي، جنهن جي ٻولي ڍاٽڪي آهي، جنهن کي لساني طور سنڌي ٻوليءَ جو لاڙي لهجو، ڪڇي، مارواڙي، پارڪري، گجراتي، راجستاني ٻوليون وغيره گهيري بيٺيون آهن، جنهن ڪري ڍاٽڪيءَ جا به ڪيترائي لهجا جڙي پيا آهن. جي. اي. گريئرسن کان وٺي هدايت پريم ۽ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي تائين اٽڪل سڀني محققن ڍاٽڪيءَ کي گاڏڙ ٻولي، سنڌيءَ جو لهجو يا سنڌي ٻوليءَ جي ٿري لهجي جو ننڍو لهجو وغيره سڏيو آهي. ڍاٽڪي ٻولي يا سنڌي ٻوليءَ جو لهجو ۽ ڍاٽڪيءَ جي لسانياتي خصوصيتن تي تحقيق ۽ ڇنڊڇاڻ هڪ الڳ موضوع آهي، جنهن تي تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي.

هيٺ سُر مارئيءَ ۾ ڍاٽڪي ٻوليءَ جي لفظن جي استعمال جو سماجي، لسانياتي ۽ ثقافتي اڀياس پيش ڪجي ٿو.





**سُر مارئيءَ ۾ ڍاٽڪي ٻوليءَ جو اڀياس:**

**مارئي:** ”مَر سَپڙي مارئي مُئي مَر ڄائي.“

’مارئي ‘لفظ ’مارو ‘جو مؤنث آهي، جيڪو سنڌيءَ جي ٿري لهجي ۾ ۽ معياري سنڌيءَ ۾ به ڳالهايو وڃي ٿو. اهو اصل ۾ ڍاٽڪيءَ جو لفظ آهي، جيڪو ’ماڻهو‘ لفظ جي اصل شڪل، صورت آهي، جڏهن ته ڍاٽڪيءَ ۾ هينئر ’ماڻهو‘ لاءِ ’ماڙهو‘ لفظ ڪتب آندو وڃي ٿو. اهو لاڙ جو اثر ڀانئجي ٿو.

**جُسو:** ”هَميرن هَڪُون، جاڙ جُسي ڪي پائيون.“

جملو: مانڻي! جو تان، مانهانجۂ سَجۂ جُسۂ تي دانبڙ دانبڙ ٿيار.

ترجمو: ٻيلي! ڏس ته منهنجي سڄي جسم تي ڏٻڙ ڏٻڙ ٿي پيا آهن.

**ڪَهِڻ:** ’فڪيون ‘فدا ڪري، کهيائين سين ’ڪُن.‘

جملو: مين تنان ڪَهيو تو نه، ائۂ اَڄِرو ڪم مان ڪر.

ترجمو: مون توکي چيو هو نه هي غلط ڪم نه ڪر.

**مورت:** ”نڪا ’ڪن فيڪون ‘هئي، نڪا مورت ماهه،“

جملو: مورت تان مرهي سٺي اهۂ، ڪم خبر نين ڪهڙا هوسين.

ترجمو: شڪل/صورت ته تمام سٺي آهي، ڪم خبر ناهي ڪهڙا هوندا.

**هيڪ:** ”هيڪائي هيڪ هئي، وحدانيت واهه“

جملو: اسان سڄان نان ٺائو نڻ آرو، هيڪ ئي پرماتما اهۂ.

ترجمو: اسان سڀنيءَ کي ٺاهڻ وارو هڪ ئي خدا آهي.

**ڪينءَ ۽ ڪنڪار:** ”الاهي عنايت سين، شل ڪينءَ مران ڪنڪاري.“

ڍاٽڪي ڳالهائيندڙ ڍٽ جا ماڻهو (خاص ڪري ميگهواڙ) پاڻ ۾ ملندا آهن ته،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هن ريت خوش خيريافت ڪندا آهن:

خميسا جي! پرسن هوڪاران مين، ڪينءَ ڪير، سَجا سارا، رُڙها ڀلا راجي ڪُشي، جوڙ متارا، ڪير، سڪ!

جواب: سائين! دعا ٻينا ڪران، ڀگوان ري ڪرپا اهئہ، اپين سٹائو، ڪير سُک، سجا سارا؟

ترجمو: خميسا جي! خوش مستي ۾، خوشي، خير، ٺيڪ ٺاڪ، توانا ۽ ڀلا، ٺهيل، خير ۽ سک. اوهين ڀڏايو، خير، سک سان ۽ ٺيڪ ٺاڪ آهيو؟

جواب: آنند را، اوتارا آهين.

انهيءَ سچي عمل کي ڏاتي "ڪنڪار" چون.

يا وري

"اُني تي، وَراڻِ، ڪينءَ واڌايون آيون."(2)

'ڪينءَ واڌايون' يعني خوشيءَ جون/مان مبارڪون. 'واڌايون' لفظ پڻ ڏاٽڪيءَ ۾ عام رائج آهي.

ڪو: "نہ خبر، نہ خواب، ڪو اوني آئيو."

ڏاٽڪي ۾ 'ڪو'، 'نہ' جي معنيٰ ۾ رائج آهي.

جملو: هون ڪو تو جاؤن. (آئون نہ تو وڃان.)

مٿئين سٽ ۾ منهنجي خيال موجب 'ڪو'، 'نہ' جي معنيٰ ۾ ڪم آيل آهي.

'ڪو'، 'ڪوئي' جي معنيٰ ۾ بہ رائج آهي.

جملو: اٹ ڪو تان ماڑهو هئئہ، ٻڪرين ڏاٹا ايڙسين را.

ترجمو: هُتي ڪو تہ ماڻهو هجي ٻڪريون ان هاري ڇڏينديون.

پر هتي 'ڪو' 'نہ' جي معنيٰ طور استعمال ٿيل آهي.

ڏُٽان: باالله آهيان بند ۾، ڏُٽان ڪيئن ڏٻُرن.





هي لفظ ڏاٽڪيءَ ۾ انهيءَ صورت ۾ رائج آهي. ڏاٽڪيءَ ۾ لفظ سسائڻ جي ريت آهي. 'ڏُوٺان' کي 'ڏُٽان' ڪيل تو پانئجي.

چِڀڙُ: (چِڀڙِ) چڀڙ آئون چوپي، سِڪ لاهيندي سومرا.

چڀڙ، ٿر جي ميون مان عام آهي. برسات پوڻ تي، هر چڀڙن جون وليون ڦٽنديون آهن ۽ چڀڙ تمام گهڻي مقدار ۾ ٿين. انهيءَ قسم جي ميوي جا چار قسم آهن: پهريون تمام ننڍڙا ٿين، جنهن کي ڏاٽڪيءَ ۾ چڀڙيا چون. ٻيا مٺ ۾ جهلڻ سان مُٺ پرجي پوي تہ انهيءَ کي 'مُٺ چڀڙ' چون، ٽيان انهيءَ کان ٿورا وڏا ٿين ۽ چوٿان وري هڪ فٽ کان ٻي فٽ ڊگها ٿين، جنهن کي "چڀڙي" چون، جيڪا ذائقي ۾ گدري ۽ چڀڙ ٻنهي کان الڳ ٿئي.

چڀڙ لفظ لاڙ ۽ ڪوهستان جي ڪجھ علائقن ۾ پڻ ملي ٿو، جڏهن تہ اتر سنڌ طرف انهيءَ کي 'مَتيرو' چون.

ٽَلي: منهنجو تور ٽلين ۾، چيها تو چاري.

گربخشاڻي: هيٺانهين زمين، ڊوري، ترائي.(3)

ٻانهو خان شيخ: ٻن ٽڪن جي وچ وارن ميدانن (جتي مينهن جو پاڻي گڏ ٿيندو آهي ۽ پاڻي سڪڻ بعد گاهہ يا پوک ٿيندي آهي)، ترائين.(4)

ٽلي يقيناً هيٺانهين پٽ/زمين کي ئي چئجي، پر صرف ايترو چوڻ سان معنيٰ واضح نٿي ٿئي، ڇاڪاڻ تہ ٽلي انهن هيٺانهين زمين کي چئبو آهي، جنهن جي مٽي، ٿر جي ٻي واري (ٽڪن توڙي ڏهرن) کان سخت هوندي آهي. جتي ٽلي ڪيتري بہ برسات پوي، پر مشڪل سان ٻن کان چئن ڏينهن تائين پاڻي بيهندو ۽ اها زمين پوکيءَ لاءِ ڀلي ٿيندي آهي ۽ گاهہ بہ ڀلو ٿئي.

ٽلي ۽ ترائيءَ ۾ ايترو فرق آهي تہ ترائي بہ هيٺانهين زمين تي هوندي آهي، پر انهيءَ جي هڪ تہ ايراضي ٿوري هوندي آهي، ٻيو تہ انهيءَ هنڌ جي مٽي تمام گهڻي چيڪي، ڪٽي وري چُن نما مٽي پڻ هوندي آهي، جنهن سبب پاڻي ٽن کان پنجن

تائين پڻ هوندو آهي ۽ انهيءَ هنڌ (ترائيءَ ۾) پاڻي سڪڻ کان پوءِ ڪوبہ گاھ نہ ٿئي ۽ نہ ئي فصل پوکيو وڃي ٿو. مطلب تہ تلي کي ترائي يا ڏوري چوڻ صحيح نہ ٿيندو.

**ڏاٽيرو:** "تر کي پانيو ٿوڪ، جا ڏڪ **ڏاٽيرن** جي."

**جملو:** ڏاٽيرو ڏٿ چڏي گيو رو.

**ترجمو:** ڏاٽيرو ڏٿ ڇڏي هليو ويو.

'ڏاٽيرو 'نالي ڏاٽڪيءَ جو هڪ لوڪ گيت پڻ آهي.

**پکي ۽ لڏ:** "سدا جن پرياڻ، پاندي **پکي، لڏ** جو."

**شيخ=پکي:** (ڪپڙي جي) پيٽي کي پچائڻ لاءِ ڪورين جي اوزار.

**لڏ:** مال اسباب (5)

ڏاٽي ماڻهو 'پکو'، ٻاجهر جي ڪانن مان ٺهيل اهڙي ڇپري کي چوندا آهن، جيڪو منهہ ناهڻ لاءِ مٿي ڏربو آهي ۽ جيڪڏهن وري ڪيڏانهن لڏي ويندا تہ انهيءَ کي ويڙهي پاڻ سان کڻندا آهن.

اهو لفظ سنڌيءَ ۾ اچڻ کان پوءِ پنهنجي معنيٰ ۾ ڦري ٿو. سنڌي ۾ پکو منهہ، جهونپڙي يا ڪکائين گهر جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو، جڏهن تہ اهو اصل ۾ 'تڏي ' نمان هوندو آهي، جيڪو صرف ڇپري طور ڪم ايندو آهي، جڏهن تہ لَڏِ انهيءَ سڄي سامان کي چئبو آهي، جيڪو لڏپلاڻ دوران گڏ کڻندا آهن.

**ڪوڪڙ:** "**ڪوڪڙ** پنهنجي قوت لاءِ، وڻن ۾ ووڙين."

ڪوڪڙ معنيٰ جهنگلي وڻن مان ڇڻي پٽ تي پيل سُڪل ميوو، جهڙوڪ سُڪل پيرون وغيره

**ڏيهر ۽ ڏاس:** "**ڏيهر** ڪَتَن ڏيريون، **ڏاس** جَني ڏاجو."

ڏيهر معنيٰ اُن جون وڏيون ڏيريون.





ڏاس معنيٰ ٻڪريءَ جا وار يا وارن مان ٺهيل شيون. ڪنهن کي ڪاوڙ يا چڙَ ۾ هيئن بہ چون.

**جملو:** منهہ جاڻي، ڏيهر، اِيها پرهو جا.

**ترجمو:** منهن جهڙو ڏيرو، هتان پري وڃ.

**جهَڻ:** "**جهڻ** پيڻ جهنگل رَهڻ، اي ماروئڙن جو مَرَڪُ."

جهڻ=لسي.

جهڻ يا لسيءَ جو ٿري سماج ۾ تمام گهڻو عمل دخل آهي. انهيءَ سان نيرن (ڏاٽڪيءَ ۾ جانگر) بہ ڪن، تہ منجهند يا رات جي ويلي ڪاٽيو يا ڪڙهي (ڏاٽڪيءَ ۾ راٻڙو) ٺاهن. راٻڙي ۾ ڇيڙ، جڏهن وسڪاري جا ڏينهن هوندا آهن تہ ساوا (نہ تہ سُڪل) گُوار يا وري سنگريون بہ وجهن، جنهن سان راٻڙو (ٻوڙ) لذيذ ٿيو پوي. مطلب تہ ٿري سماج ۾ جهڻ/لسي قوت جو اهم ذريعو آهي.

**اوڊڻ:** "اُن **اوڊڻ**، اُن جو، ڪَن سائين جو سامان."

**گت:** "جهڻ پيڻ، جهنگل رَهَڻ اي غاريبي **گت**."

گت=عادت، نيم، غذا.

**پت:** "شيشا لال گلاب جا، پي نہ وڃايان **پت**."

پت=مان، عزت، آبرو.

**مڏ:** "جهڻ پيڻ جهنگل رهڻ، مارو ناهين **مَڏ**."

ڏاٽڪيءَ ۾ منهہ کي مڏ يا منڏو چون.

**ٻُوهہ:** "ڪارا ڪبڙ ڪوهہ، ٻيريون ۽ **ٻوهہ**."

ٿر ۾ هڪ ٻوٽو، جيڪو ڪوهستان پاسي پڻ ٿيندو آهي. ڊاٽڪيءَ ۾ پوڙهي ماڻهوءَ جي حوالي سان چون.

جملو: اڇو جاٽي ٻوهه

ترجمو: اهڙو سفيد جهڙو ٻوهه

**سارئا: (ساريا)** "سُتي سڄڻ سارئا، رات منهنجي رُوح."

سارڻ، اصل ۾ ڊاٽڪي لفظ آهي. سنڌيءَ جي ٻين محاورن ۾ به ڳالهائڻ جي ڪم اچي، پر عام طور ناهي ٻيو ته، سنڌيءَ ۾ ماضي طور 'يو'، 'يا' وغيره ايندو آهي، جڏهن ته ڊاٽڪيءَ ۾ 'ئو'، 'ئا' وغيره

**مِڙي:** "راجا راضي ٿيءُ، مارُن مِڙي مارُئي."

مِڙڻ مان ٺري ملڻ ٿيو آهي. ڊاٽڪيءَ ۾ مڙڻ لفظ عام آهي. جيئن مڙئه = ملي، مِڙي = ملي، ميڙو = ميلو.

ڍڳيءَ کي ڏهڻ مهل سندس وڇڙو/وڇڙي ملڻ ۽ ڏائڻ ڇڏيندا آهن ۽ جيڪڏهن ڍڳي آرام سان بيٺي هجي ۽ کير ٿڻن ۾ پرجي اچي ته چون: ڍڳي مڙي ري.

ترجمو: ڍڳي مڙي مِلي آهي / وئي.

ڊاٽڪيءَ ۾ 'ڙ 'جو اُچار 'ڻ 'ع 'ل 'نڪرندو آهي، اهو خالص ڊاٽڪي ٻوليءَ جو آواز آهي، جنهن جو آواز ر، ڙ ۽ ل جي وچٿرو ۽ گڏيل آهي، جنهن لاءِ اکر طئي ڪرڻ جي ضرورت آهي.

جملو: ائه تان مڙهي/مڙهي/مٺهي/ملهي ملئه ئي ڪو تو.

ترجمو: اهو ته صفا ملي ئي نٿو.

**ياڻ:** "يري پنهنجي ياڻ، پَسان ملڪ ملير جو."

ياڻ، ڊاٽڪيءَ ۾ جڳهه ۽ آستان جي معنيٰ ۾ عام آهي.

**پار/اَپار:** "پائي آيس پاند ۾، اَوڳڻ عيب اَپار."





پار ۽ اَپار ٻئي هڪٻئي جا ضد آهن ۽ اهي ڊاٽڪيءَ ۾ عام رائج آهن.

**ڪيهه:** "پهي سُک پيرين ڪيهه، ڪو نينهن نياپو مارُئين."

ڪيهه، ڊاٽڪيءَ ۾ دز، مٽي جي معنيٰ ۾ عام آهي. ڪنهن معتبر ماڻهوءَ جي گذاري وڃڻ ڪان پوءِ جيڪڏهن سندس اولاد ۾ افعال نه هوندا ته اصطلاحي طور چوندا.

جملو: مانٽي! ڦلاٽئه رَئه مرڻ سين پٽيا ڪيهه پئي اُڏئه.

ترجمو: ٻيلي! ڦلاٽي جي مرڻ ڪان پوءِ پويان ڪيهه (دز/مٽي) پئي اڏامي.

**سانگاتوءَ:** "سانگاتوءَ سيد چئي، سنديون چِت چُٺان."

'آتو 'پڇاڙي ملائي اسم مان صفت ٺاهڻ ڊاٽڪيءَ جو اصول آهي. 'آتو ' معنيٰ وارو.

سانگ+آتو=سنگ وارو. شاهه صاحب 'ءَ 'ملائي 'ڪي 'جي به معنيٰ ڏني آهي، يعني سانگاتو + ءَ = سنگ واري ڪي، جيئن ڊاٽڪيءَ ۾ هڪ ٻيو لفظ آهي آگهاتو.

آگهه + آتو، اگهه، 'اگهو 'مان ٺهيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ويجهو، قريب. اهڙي طرح آگهاتو جي معنيٰ آهي ويجهڙائيءَ وارو، رازدار، دوست وغيره.

**ڪَرِي:** "اتان اوٿي آيو، خبر اِيءَ ڪَرِي."

ڪَري، ڊاٽڪيءَ ۾ سخت ۽ زور سان، صفت ۽ ظرف ٻنهي جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي معياري لهجي ۾ ڪري لفظ 'سٺي' جي معنيٰ به ظاهر ڪري ٿو.

جملو: ايَئه جهاڙ ڪئه ري لڪڙي ڪَري اَهئه

ترجمو: انهيءَ ٻوٽي جي ڪاٺي سخت آهي. (يعني لچڪدار ناهي.)

انهيءَ مفهوم تحت ڪري لفظ ڳالهه ۽ ماڻهوءَ لاءِ به استعمال ٿيندو آهي، جنهن ۾ ڪا به لچڪ نه هجي. شاهه صاحب انهيءَ معنيٰ ۾ لفظ استعمال ڪيو آهي، جڏهن ته



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٻانهو خان شيخ صاحب معنيٰ ڏني آهي. ’کٽي ‘جيڪا ’خبر ‘سان نٽي ٺهڪي، ڇاڪاڻ ته ’خبر کي کٽي اچڻ ‘ٺهي ئي نٿو.

’کرو ‘لفظ (جيڪو هينئر سنڌيءَ ۾ رائج آهي) به کري يا کرو معنيٰ ’سخت ‘ مان ئي نڪتل آهي. ’ٿر ‘۾ سڄي وارياسي آهي. اَنُ ڳاهڻ مهل، ڪنهن سخت زمين تي ڳاهي ڪندا آهن، انهيءَ سخت زمين کي کري زمين چئبو آهي. ’کري ‘يا ’کرو ‘معنيٰ سخت مان ڦري کرو ٿي پيو. هتي ’کري ‘جي معنيٰ سخت، تصديق شده يا Authentic آهي.

جھُران: ”جھُران جهڄان تي، جيئن پسٽائي پري ٿئا.“

جھُرڻ ڍاٽڪيءَ ۾ پڇڻ/ٿٽڻ جي معنيٰ ۾ عام آهي. ٻانھ جھُري ري يعني ٻانهن پڇي پئي.

جملو: ڏِڪرا! جا مڙهئہ مين لڪڙين جهوري آ.

ترجمو: پُٽ! وڃ جهنگ مان ڪاٺيون پڇي اچ.

جڏهن ته ٻانهون خان شيخ معني لکي ٿو: ”جهڄان، نجهران، ڳران، رُئان.“ جيڪڏهن اها ئي معنيٰ هجي ته پوءِ ’جھُران جهڄان ‘جو ڪم آندو؟

عام طور تي سنڌيءَ ۾ ’جهرڻ ‘ڪنهن شيءِ جي پراڻي ٿيڻ سان ٽٽي پوڻ کي به چئبو آهي، اهڙيءَ طرح ڏڪويل ماڻهوءَ لاءِ به چئبو آهي ته اندران جهريو پيو آهي، معنيٰ ٽٽو پيو آهي.

چيڙ: ”چوٽي ۾ چيڙ پِئو، پَين رت ڄَيون.“

مير جا ڳنڍا، جنهن ڪري وار چنبڙي ۽ وچڙي ويندا آهن. اهو لفظ سنڌيءَ جي ٻين محاورن ۾ پڻ استعمال ٿئي ٿو، پر ڪٿي ’چيڙ ‘۽ ڪٿي ’چيڙھ ‘جي صورت ۾. ڍاٽڪيءَ ۾ چيگهٽ/چيگٽ به چون.

ڪُٽڻ ۽ سيڙڻ: ”ڪٽيءَ وٽيون ڪٽيون، ستي سي سيوي.“

ڪٽڻ لفظ ڪسڻ جي معنيٰ ۾ عام آهي.





جملو: آئہ ڪپڙو تان ڪٽُورو.

ترجمو: اهو ڪپڙو ته ڪُسي ويو.

آڏواڻي ۽ گربخشاڻي ’سيوي ‘جي جڳھ تي ’سيٽي ‘لفظ ڏنو آهي، جڏهن ته مير عبدالحسين سانگيءَ جي قلمي نسخي ۾ ’سيڙي ‘آيل آهي، جيڪو ڍاٽڪيءَ جو آهي ۽ اهو ئي درست آهي.

سَتي: ”سومرا ساهي، تنهن ستيءَ وجھ مَ سنگهرو.“

سَتي لفظ ڍاٽڪيءَ ۾ به عام آهي.

جملو: سَتي سيتوا نان راوڻ ڪٽي گيو تو.

ترجمو: ستي سيتا کي راوڻ ڪٽي ويو هو.

نِڪتي: ”نڪتي ڪوڪ قلب مان، منجهان روح رڙي.“

ڍاٽڪيءَ ۾ ڪن حالتن ۾ ’ڪ ‘کي ’ک ‘۽ عام طور ’خ ‘کي ’ڪ ‘اچاربو آهي.

اُور: ”راڄ دڏيا سُومري، عمر ڪري اُور.“

ڍاٽڪيءَ ۾ اُور حملي ۽ ڪاھ جي معنيٰ ۾ رائج آهي. تيز ۽ خطرناڪ قسم جي حملي کي ’اُورڙ ‘به چئبو آهي، جيئن چِتي ڪتي جو حملو وغيره.

پَلَرُ: ”اُن اوڏِڻ پَلَرُ پيڻ، جن جي پير مٿي پٽ پاڪ.“

ڍاٽڪيءَ ۾ برسات جي پاڪ ۽ شفاف پاڻيءَ کي پلر چئبو آهي.

پال: ”ڪيئن پسنديس پال، هُسن مون هِت وئو.“

ڍاٽڪيءَ ۾ ٻڪرين يا رڍن جي وارن مان ٺهيل فراسين کي پال چئبو آهي.

**جُھار ۽ جائيين:** ”جھجھا ڏيج جُھار، منجھان ملير جائيين.“

ڏاٽڪي ٻوليءَ ۾ ڄ، ڳ جا اُچار ناھن اُڄاري سگھبا، جنھن جي جاءِ تي ’ج ‘ ۽ ’گ ‘اڄاريا ويندا آھن. ھتي ’جائيين ‘استعمال ٿيل آھي.

**ايرادي:** ”ديس ڇڏي پرديس ۾، ڪنھن ايرادي آٽي.“

ڏاٽڪيءَ ۾ ارادي کي ايرادو چون. اِھو لفظ سنڌيءَ کان حاصل ڪري پنھنجي مزاج ۾ آندو ويو آھي.

**سَپِني:** ”مَر سپني مارئي، مُئي مَر جائي.“

’سَپِني ‘ڏاٽڪي نھڻ/جڙڻ/سرجڻ جي معنيٰ ۾ رائج آھي، جڏھن تہ آڏواٽي ’مَر سپني ‘جي معنيٰ ’نہ پيدا ٿي ‘لکي ٿو. (10)

**اَڇو:** ”نِيرَ منھنجو نينھن، اُجاري اَڇو ڪِيو.“

ڏاٽڪيءَ ۾ اڇي کي سفيد چئبو آھي تہ ’صاف ڪرڻ ‘کي بہ ’اڇو ڪرڻ ‘چئبو آھي.

**مڙھہ:** ”مران جي ھن ھنڌ، تہ نجاھہ مڙھہ ملير ڏي.“

لاش يا ميت لاءِ ڏاٽڪيءَ م مڙھ لفظ استعمال ٿئي ۽ بيما، ڏٻري يا پوڙھي ماڻھوءَ کي بہ ’مڙھو ‘چون. اھو لفظ سنڌيءَ ۾ بہ رائج آھي.

**پِيڙ:** ”لوئي سين لطيف چئي، پيڙئو ٻڌان بيٺ.“

پِيڙڻ، ڏاٽڪيءَ ۾ زور سان ڇڪڻ، ھٽڻ وغيره طور ڪنھن بہ ڪم کي زور ونرائڻ لاءِ استعمال ٿيندو آھي، جيئن پنڌ نان پيڙ (پنڌ کي ڇِڪ يعني تڪڙو پنڌ ڪر)، روٽي نان پيڙ (ماني ڏؤ ڪري کاءُ يا جلدي کاءُ)، گيڏي پيڙ (لٺ زور سان ھڻ)، روندوڙي پيڙي (رسي زور سان ڇڪي ٻڌ).

**سَسَو:** ”ھُت سپجي اُن سَسَن جي، ھِت رچائي ريٺِ.“





’سھي ‘کي ڏاٽڪيءَ ۾ سَسو چئبو آھي. سنڌيءَ ۾ ڏاٽڪيءَ جي ڪيترن ئي لفظن ۾ ’س ‘جي جڳھ تي ’ھ ‘استعمال ٿئي ٿو. مثال طور: ڏس - ڏھہ، ورس-ورھيہ وغيره. سنڌيءَ ۾ ڪيترن ئي جڳھن تي ’س ‘ ’ھ ‘۾ ڦري ٿو، جيئن ڦاسي-ڦاھي وغيره.

**ڏاٽي ۽ ڍول:** ”سانگي سارئم سومرا، ڏاٽي پاسي ڍول.“

’ڏاٽي ‘ڏٽ جي رھڻ وارن کي ۽ ’ڍول ‘ڏاٽڪيءَ ۾ ’محبوب ‘کي چئبو آھي.

**ساڳ (ڏٽ):** ”ڏُٽ چوندينديس ڏيھہ ۾، ساڻ سرتين ساڳ.“

ڏاٽڪيءَ ۾ سبزي ۽ ڀاڄيءَ کي ساڳ چئبو آھي، اِھو لفظ سنڌيءَ ۾ بہ آھي، پر ڏاٽڪيءَ ۾ ھر قسم جي ڀاڄيءَ کي ساڳ چئبو آھي پوءِ چاھي اھا دال ھجي يا گوشت.

جملو: دال رو ساڳ رڌيو اَھئہ.

ترجمو: دال جي ڀاڄي پچائي آھي.

**نِت نِت:** ”نِت نِت آھہ نئون، مون کي پسڻ پنوھارن جو.“

نِت نِت معنيٰ آھي، روز روز. ڏاٽڪيءَ جي ھڪ لوڪ گيت ۾ ھيئن استعمال ٿيل آھي.

مِنان نِت نِت پيھَرِيئہ پَرھي ميلھہ،
گھوري جائون چِرمي نان.
مون کي روز روز پيڪين موڪل،
چرميءَ (رنگ) تان قربان وڃان.

سنڌيءَ ۾ اھو انھيءَ معنيٰ ۾ بہ استعمال ٿئي ٿو تہ ’سدا ‘جي بہ.

**ڪُؤنرو/ڪُنئرو:** ”اُوءِ ٿا ڪورين ڪُؤنري، سرتيون مٿان سسن.“



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪؤنرو معنيٰ نرم، ملائم، نازڪ، هي لفظ ڏاٽڪيءَ ۾ عام رائج آهي. عام طرح ’ڪُنئرو ‘سنڌيءَ ۾ بہ مروج آهي. ’اُوءِ ‘پڻ ڏاٽڪيءَ جو لفظ آهي.

**ڪُوڻ:** ”پڪا ۽ پال، ڪٽي ڪنهن ڪُوڻِ وِئا.“

’ڪُوڻ ‘لفظ ڏاٽڪيءَ ۾ ’ڪُند ‘جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو. ٻانهي خان شيخ صاحب ’ڪوڻ ‘جي معنيٰ طرف يا پاسو لکي آهي. مرزا قليچ بيگ ’ڪوڻ ‘جي معنيٰ طرف، پاسو ۽ ’ڪند ‘لکي آهي.(12) سنڌ جا رهاڪو خاص ڪري ٿر جا ماڻهو ڌرتيءَ جي چار طرفن کي ڌرتيءَ جون چار ڪندون سمجهن ٿا. تنهن ڪري ’ڪند ‘’طرف ‘ واري معنيٰ ۾ استعمال ٿيل آهي.

**سائيڪو:** ”توهر ڪُوهہ ٿر، جي سائيڪا ۽ سَئيُون.“

سٽ پرهن جي اونهي کوهہ کي ڏاٽڪيءَ ۾ سائيڪو چون.

**اوڪائي:** ”تن سُکن سنڌي سُور، اَبُرا اوڪائي وئو.“

برسات جي بند ٿيڻ کي ڏاٽڪيءَ ۾ ’اوڪجڻ ‘چون.

جملو: برسات اوڪاجي ري.

ترجمو: برسات بند ٿي وئي.

**چُٽاڪو:** ”ڪڏهين ڪڏهين ڏٽ جو، چڪَن چُٽاڪو.“

ڏاٽڪيءَ ۾ هي لفظ برسات جي ننڍڙين ڦڙين لاءِ استعمال ٿيندو آهي، جيڪي ڪڪائن گهرن ۾ ٽمندا آهن. ڦڙن جي ذرڙن ۽ ننيڙن هئڻ سبب اصطلاحي معنيٰ ۾ ذرو بہ آهي.

**ٻيلاسي:** ”سک نہ سُتا ڪڏهن، ٻيلاسي ٻانهون.“

ٻلاسي/ٻيلاسو = بہ ڄٽا گڏ.

**سَنک:** ”ويني هِٽ وڃايان، جيئن سناسين سَنک.“





هڪ وڏي ’کوڏ ‘ٿيندي آهي، جيڪا مڙهيءَ ۾ وڄائبي آهي، اِهو لفظ اصل ۾ هنديءَ جو آهي، پر ڏاٽڪيءَ ۾ رائج آهي.

**آجڪو:** ”اُنَ اسان کي آجڪو، قيمت پانيون ڪَک.“

ڏاٽڪيءَ ۾ آجڪو، گذر سفر يا روزگار لاءِ استعمال ۾ عام رائج آهي.

**سَلَ:** ”تَن سانبين وِڏَم، سَلَ ڏني جَن ڏينهن ٿئا.“

’سَلَ ‘سوراخ جي معنيٰ ۾ عام آهي.

**پڙان:** ”هڏ نہ پڙان هيڪڙي، توري ٿر ڄايُن.“

ڏاٽڪيءَ ۾ پڙان ٻن معنائن ۾ آهي: هڪ سمهڻ ۽ ٻيو پوڻ. هتي ٻي معنيٰ مناسب لڳي ٿي. شيخ صاحب ’برابر ٿيان ‘لکي ٿو. (13)

**ڏُهلا:** ”ماروئڙن ڏاران ماڙيين، ڏُهلا ڏينهن ٿيا.“

اِهو لفظ ڏٽ ۾ مايون ڪنهن جي مرڻ تي پار ڪڍي روئڻ دوران مشڪل ۽ ڏکيائي جي معنيٰ ۾ استعمال ڪن ٿيون.

**ارداسيون:** ”اُپي ارداسُون ڪري، حميراٽي حُضُور.“

ارداس، اصل ۾ هنديءَ جو لفظ آهي، اِهو ڏاٽڪيءَ ۾ ڏٽ جا هندو پوڄا پاٺ مهل گذارش (پگوان کي) جي معنيٰ ۾ استعمال ڪندا آهن.

**سنجڻ:** ”سِنجي سِنجي کُوهہ، ويڙهي وئا ورت.“

سنجڻ لفظ ڏاٽڪيءَ ۾ پاڻي ڪڍڻ جي معنيٰ ۾ عام رائج آهي.

**ورت:** کوهہ مان پاڻي ڪڍڻ واري رسيءَ کي ورت چئبو آهي، جيڪو ٿري سماج جو لفظ آهي. ڏاٽڪيءَ جي ڪن لهجن ۾ انهيءَ کي ’برت ‘بہ چون. ڏاٽڪيءَ ۾



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

’و ‘۽ ’ب‘ متبادل (Interchangeable) آواز آهن.

**ٻپُڙي:** ”ٻاڙو پيي نہ ٻپُڙي، مِنو منهن لڳوس.“

ٻن پُڙن واري يعني سِپي، ٻپُڙي عام لفظ آهي، جيڪو سنڌيءَ ۾ بہ رائج آهي.

**مَگَڻ:** ”مَگَن جَر مٿان، اوري ڪَن نہ آسرو.“

ڍاٽڪيءَ ۾ گهرڻ لاءِ مگڻ عام رائج آهي.

گولا، ٻنديرِ، پُسي، سَگر، گولي، مانڌاٽي، ڏؤنرا، گُگر، ساڏوهي، ڦِرهَہ، لاٽي، گاڏيلي، گوندا، لُلر، ٿوهہ، مجر، پڪا، مَڪ، پيرون، گهوڳ، سائون، لنب، چيهو، سيارچ، مڪٽي، ڪاٿونبا، پِپُون، انهيءَ ڪان علاوه ٻيا بہ اهڙا ڪيترائي لفظ ڍاٽڪي ٻوليءَ ۾ رائج آهن، جيڪي انهيءَ ماحول سان واسطو رکن ٿا.

مٿي پيش ڪيل لفظن مان ڪي لفظ ڍٽ جي آسي پاسي وارن علائقن، خاص ڪري سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لهجن ۾ پڻ ملن ٿا. انهن مان ڪي لفظ تہ خاص ڍاٽڪيءَ جا آهن، جيڪي ٻين ٻولين ۾ داخل ٿي ويا آهن ۽ ڪي تمام ٿورا وري ٻين ٻولين جا آهن، جيڪي ڍاٽڪيءَ ۾ اچي ڪري، ڍاٽڪي ٻوليءَ جا ٿي ويا آهن، جهڙوڪ. ڏُئان، اوڍڻ، پيت، سارڻ، اَپار، ڪري، جهُرڻ، چيڙ يا چيڙهہ، اچو، مڙهہ، ساڳ، نِت وغيره. جنهن ڪري انهن ڪي پڻ ڍاٽڪي ٻوليءَ جا لفظ ڪري استعمال ڪيا ويا آهن. ڇاڪاڻ تہ اُهي ڍاٽڪيءَ ۾ اچڻ ڪان پوءِ ڍاٽڪيءَ جي صوتياتي مزاج ۾ استعمال ٿيل آهي. مثال طور جائيين (ڄائيين) وغيره.

## حوالا

1. يوسفاڻي، معمور، ’لطيف جا ٿر تا پيرا‘، مهراڻ اڪيدمي، واڳٽو در شڪارپور، 2001ع، ص: 14.
2. آڏواڻي، ڪلياڻ، ’شاهہ جو رسالو‘، سُر مارئي، داستان ڏهون، مڪتبہ برهان، اردو بازار، ڪراچي، ص: 278.
3. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، پروفيسر، ’شاهہ جو رسالو‘، جلد ٽيون، معنيٰ ۽ شرح، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1993ع، ص: 572.





4. شيخ، ٻانهون خان، ’شاهہ جو رسالو‘، جلد ٽئون، سُر مارئي، داستان 1، بيت 6، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي،، ڪراچي، اپريل 2002ع، ص: 382.
5. شيخ، ٻانهون خان، ’شاهہ جو رسالو‘، جلد ٽئون، سُر مارئي، داستان 1، بيت 9، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي،، ڪراچي، اپريل 2002ع، ص: 383.
6. شيخ، ٻانهون خان، ’شاهہ جو رسالو‘، جلد ٽئون، سُر مارئي، داستان 3، بيت 10، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي،، ڪراچي، اپريل 2002ع، ص: 396.
7. شيخ، ٻانهون خان، ’شاهہ جو رسالو‘، جلد ٽئون، سُر مارئي، داستان 3، بيت 20، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي،، ڪراچي، اپريل 2002ع، ص: 399.
8. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، پروفيسر، ’شاهہ جو رسالو‘، جلد ٽيون، سُر مارئي، داستان 2، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1993ع، ص: 534.
9. آڏواڻي، ڪلياڻ، ’شاهہ جو رسالو‘، سُر مارئي، داستان 2، مڪتبہ برهان، اردو بازار، ڪراچي، ص: 258.
10. آڏواڻي، ڪلياڻ، ’شاهہ جو رسالو، سُر مارئي، داستان 2‘، مڪتبہ برهان، اردو بازار، ڪراچي، ص: 266.
11. شيخ، ٻانهون خان، ’شاهہ جو رسالو، جلد ٽئون، سُر مارئي، داستان 6، بيت 6‘، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي،، ڪراچي، اپريل 2002ع، ص: 416.
12. ، مرزا قليچ بيگ، شمس العلماء، ’لغات لطيفي‘، مهراڻ اڪيدمي، 2004ع، ص: 231.
13. شيخ، ٻانهون خان، ’شاهہ جو رسالو، جلد ٽئون، سُر مارئي، داستان 9، بيت 8‘، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي،، ڪراچي، اپريل 2002ع، ص: 443.